فكر و هدف

تاليف: آيت الله سيد مرتضىٰ مجتهدي سيستاني

سنڌيڪار : سجاد علي سروهي

مولف وبسايت

WWW.ALMONJI.COM

Email: info@almonji.com

فڪر جي اهميت

هر انسان جي ذهن ۾ اهڙا خزانہ ۽ قيمتي گوهر موجود هوندا آهن جن کي هو سوچ ۽ فڪر جي ذريعي حاصل ڪري سگهندو آهي پر ڏک جي ڳالهہ آهي جو ڪجهہ ماڻهو پنهنجي اندر ۾ موجود انهن قيمتي ۽ اڻلي خزانن مان فائدو حاصل ڪرڻ بدران مٿيءَ ۾ لڪل مال ۽ خزانن جي ڳولا ۾ نڪري پوندا آهن.

جيڪڏهن انهن ماڻهن کي اها خبر پئجي وجي تہ الله پاڪ زمين ۾ دفن ٿيل خزانن کان وڌيڪ خزانا انهن جي وجود ۾ رکيا آهن تہ هو ڪڏهن بہ پنهنجي عمر کي مٿيءَ ۾ اڏائڻ ۾ ضايع نہ ڪندا اُهي ماڻهو مال ۽ دولت حاصل ڪرڻ لاءِ زمين کوٽيندا آهن ۽ ٿوبا درياهن ۽ سمندن جي تهہ ۾ موجود جواهرن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ٽُبي هڻندا آهن جڏهن تہ مومن

۽ نيڪ ماڻهو حقيقي خزاني کي حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي فڪر جي گهري سمند ۾ غوطه ور ٿيندا آهن.

مولا علي عليه السلام جن نهج البلاغه ۾ فرمائن ٿا:

"اَلْمُؤْمِنُ مَغْمُورٌ بِفِكْرَتِهِ" (۱)

مومن پنهنجي فڪر ۾ ٻُڏل هوندو آهي.

مومن پنهنجي فڪر جي درياءَ مان اهڙا قيمتي گوهر حاصل ڪندو آهي جو سون ۽ چانديءَ جهڙا مادي خزانہ ان جو مقابلو نٿا ڪري سگهن اُهو پنهنجي افڪار جي ذريعي اهڙا قيمتي گوهر حاصل ڪندو آهي جيڪي هميشہ لاءِ هوندا آهن جن جي واقعي قيمت آخرت ۾ اهميت جو سبب ٿيندي آهي. افڪار ۾ ٻُڏي وڃڻ روح کي تقويت ڏيندو آهي ۽ لڪيل خزانن کي حاصل ڪرڻ لاءِ روح کي تيار ڪندو آهي. سوچ ۽ فڪر جي ذريعي اوهان جي روح ۽ نفس جي پرورش ٿيندي آهي جهڙيءَ ريت جسماني ورزش جسم جي پرورش جو سبب ٿيندي آهي ائين ئي مثبت سوچ ۽ فڪر انسان جي روح ۽ نفس کي طاقت ڏيندي آهي چو تہ فڪر ڪرڻ انسان لاءِ هڪ قسم جي سڪيا آهي فڪر ڪرڻ سان انسان جا باطني حالات قوي ٿيندا آهن ۽ انسان جي روح جي قدرت ظاهر ٿيندي آهي چو تہ فڪر روح جي ڪمال ۽ پروش جو سبب ٿيندي آهي .

.....

1. نهج البلاغہ ڪلمات قصار 335

فڪر جي اُڏام

انسان ڪي گهرجي تہ هو وهم ۽ خيالن جي دنيا مان نڪري حقيقت ڪي منهن ڏئي حقائق هن دنيا ۾ انسان ڪي وهم ۽ گمان جي دنيا مان ڪڍي ڪري هڪ حقيقي ۽ واقعي مفڪر بڻائيندا آهن انهي ڪري حضرت عيسىٰ فرمائن ٿا؛ عَوِّدْ قَلْبَكَ الْفِكْرَ **(1)**

پنهنجي دل ڪي سوچ ۽ فڪر جي عادت وجهو

فڪر ڪرڻ سان فڪر ۽ تمرڪز جي طاقت وڌي ويندي آهي ۽ جڏهن فڪر طاقتور ٿي وڃي تہ وهم ۽ خيال ضعيف ٿي ويندا آهن ۽ وهم ۽ خيال جي ڪمزور ٿيڻ ۽ فڪر جي طاقتور ٿيڻ سان شيطان ۽ دين جي دشمنن جون گمراھ ڪندڙ تبليغون ڪمزور ٿي ويندیون آهن چوتہ جنهن بہ انسان جي عادت، فڪر ڪرڻ هوندي اهو پنهنجي عقيدن ۽ معلومات جي بنياد ئي فڪر ڪي قرار ڏيندو .

مولا اميرالمنين جن فرمائن ٿا؛

لا عِلْمَ كَالتَّفَكُّرِ **(2)**

فڪر جهڙو ڪو بہ علم نہ آهي.

انسان جي ذهن ۾ موجود قيمتي خزانن ۾ غور ۽ فڪر ڪرڻ ۽ انهن مان فائدو حاصل ڪرڻ بَرڪ ماڻهن جي وصفن منجهان هڪ وصف آهي، انهن جي فڪر جي اُڏام ۽ ڪائنات

.....

1 .بحارالانوار ص ۳۲۹ تنبيهه الجواهر۲/۲۲۹
2. بحارالانوار ۴۰۹/۲۹نهج البلاغه ڪلمات

۾ موجود شين جي سڃاڻ سان انهن جي ايمان ۽ يقين ۾ واڌ ٿيندي آهي انهيءَ ڪري انهن جي فڪر پکڙيل ۽ بي رونق نه آهي.پاڻ سڳورن مولا علي ڪي فرمايو:

مِنْ صِفاتِ الْمُؤْمِنِ اَنْ يَكوُنَ جَوَّالَ الْفِكْرِ. **(1)**

مومن جي صفتن منجهان هڪ صفت هيءَ آهي ته هو ڊگهي سوچ رکندو آهي

اهي فڪر جي اُڏام سان پنهنجي روح کي بلنديءَ تي وٺي ويندا آهن ۽ بلند هدف رکندا آهن ۽ ان کان پوءِ مضبوط ارادو ۽ قوي همت حاصل ڪندا آهن هو قوي ۽ مضبوط ارادي ۽فڪر سان پنهنجي مقدس اهداف ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ الله پاڪ کان مدد چاهيندا آهن

فڪر جي اهميت جا ڪجهه راز

غور ۽ فڪر هن دنيا جي حقايق ڏانهن هڪ سڏي واٽ آهي جڏهن فڪر معنوي مسائل ۾ دوام پيدا ڪري ته اها انسان کي معنويت جي پاسي وٺي ويندي آهي فڪر هڪ سگهه آهي جنهن جو نالو جذب ڪرڻ جي سگهه آهي جيڪا فڪر ڪرڻ واري شخص ۽ ان مسئلي جي وچ ۾ هڪ واسطو آهي جنهن مسئلي جي باري ۾ فڪر ڪئي ٿي وڃي انهيءَ سگهه جو وجود غور ۽ فڪر جي اهميت جي ڪجهن منجهان هڪ ڪُجهه آهي انهي سگهه جي مطابق جڏهن انسان چڱاين ۽ براين جي بابت سوچيندو آهي ته ان سگهه جي

.....

1بحارالانوار ٦٧/٣١٠

ذريعي انسان هوريان هوريان انهن چڱاين کي پاڻ ڏانهن چڪيندو آهي جن بابت هو سوچيندو آهي.

اها هڪ اهڙي حقيقت آهي جنهنجي اهلبيت جي روايات ۾ وضاحت ٿئي آهي انهيءَ ڪري ئي پسنديده افڪار ۽ انسان جي دل جي پاگيزگي ان جي زينت ۽ انسان جي اندر جي نورانيت جو ڪارڻ آهن جهڙي طرح ناپسنديده ۽ بري فڪر انسان جي دل ۾ اوند اهي پيدا ڪندي آهي حضرت اميرالمنين عليہ السلام خطبہ وسيلہ ۾ فرمائن ٿا :

اَلْفِكْرُ تُورِثُ نُوراً وَالْغَفْلَةُ ظُلْمَةً **(1)**

سوچ ۽ فڪر نورانيت کي ۽ غفلت اونداهي کي پيدا ڪندو آهي جيڪڏهن حق ۽ ڪمال جي ڳولا ڪرڻ لاءِ فڪر ڪئي وجي تہ پوءِ اها فڪر حقيقت کي کولي ظاهر ڪندي آهي ۽ فڪر ڪرڻ واري لاءِ هن ڪائنات جي واقعيت کي بيان ڪندي آهي اها پنهنجو پاڻ نورايت ۽ پاڪيزگي کي ايجاد ڪندي آهي پر انهن حقيقتن کان غافل رهڻ جي صورت ۾ اها غفلت اونداهيءَ ۾ ڏڪاري ڇڏيندي آهي.

انسان جي دل ۾ غور ۽ فڪر ڪرڻ ڪري پيدا ٿيڻ واريون گهٽيون تبديليون ان کي عمل لاءِ تيار ڪنديون آهن انهيءَ ڪري فڪر ڪرڻ قوت عاملہ کي بہ ايجاد ڪري ٿي بس فڪر انسان کي نہ رڳو مورد تفڪر مسئلن کي انجام ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ڪري بلڪ فڪر جي دوام ۽ همشگي جي ڪري انسان

.....

1 . تحف العقول٩٣

۾ قوت عامله بہ ايجاد ڪري ٿي ۽ ان کي عمل ڏانهن ڇڪيندي آهي تہ جيئن سوچ ۽ فڪر عملي طرح ظاهر ٿئي.

حضرت امام صادق فرمائن ٿا:

اَلتَّفَكُّرُ يَدْعُو اِلَى الْبِرِّ وَالْعَمَلِ بِهِ (۱)

فڪر ڪرڻ انسان کي چڱاين ڏانهن ۽ چڱاين تي عمل ڪرڻ جي دعوت ڏئي ٿو

انسان جي تخليق ۽ پيدائش جي ڪُجهہ ۽ ان جي پڃاڻيءَ بابت سوچڻ انسان کي چڱائيءَ ۽ عبوديت ۽ بندگي جو مقام عطا ڪري ٿو

توهان پنهنجي فڪر جي ذريعي مقام عبوديت ۽ پنهنجي وجود ۾ لِڪَل عظيم سگهہ کي جاڳائي مقام فعليت ۾ آڻي سگهو ٿا.

گناهہ بابت سوچڻ جو اثر

انسان ۾ هر چڱي ۽ بُري نيڪ ۽ بد صفت جي پيدا ٿيڻ جي آمادگي موجود هوندي آهي چڱي ۽ بُري بابت سوچڻ ۽ فڪر ڪرڻ ان جي فعيلت ۽ ان کي انجام ڏيڻ ۾ تبديل ڪري ڇڏيندي آهي پوءِ اها فڪر امڪان جي مرحلي مان نڪري ڪري واقعيت جو لباس پهريندي آهي اها هڪ اهڙي حقيقيت آهي جيڪا چڱن ۽ پسنديده ڪمن سان مخصوص نہ آهي يعني جهڙيءَ ريت انسان چڱاين بايت سوچڻ سان انهن

.....

1 . بحارالانوار ۷۱/۳۲۲ اصول ڪافي ۲/۵۵

ڏانهن مائل ٿيندو آهي ۽ انهن کي انجام ڏيندو آهي اهڙيءَ طرح حيواني لذتن ۽ گناهن بابت سوچڻ ۽ فڪر ڪرڻ بہ انسان کي انهن جي طرف وڌي ويندي آهي ۽ پوءِ انسان انهن کي انجام ڏيندو آهي.

حضرت اميرالمومنين فرمائن ٿا؛

مَنْ كَثُرَ فِكْرُهُ فِي الْمَعاصي، دَعَتْهُ اِلَيْها **(1)**

جيڪو گناهن بابت گهڻي فڪر ڪري تہ اها فڪر ان کي انهن گناهن ڏانهن وڌي ويندي آهي.

اهڙيءَ ئي طرح هڪ بي فرمان ۾ ارشاد ٿيو آهي؛

مَنْ كَثُرَ فِكْرُهُ فِي اللَّذاتِ، غَلَبَتْ عَلَيْهِ **(2)**

جيڪو لذتن بابت گهڻو سوچي تہ اُهي ان تي غالب اچي ويندیون آهن.

اهڙيءَ ريت انسان جي سوچ ۽ فڪر ان جي مستقبل کي تبديل ڪري سگهي ٿي ۽ ان جي زندگيءَ ۾ عظيم تبديليون ۽ تحولات پيدا ڪري سگهي ٿي انهيءَ ڪري ئي اهلبيت جي من موهيندڙفرمانن ۾ تفڪر ۽ تعقل جي اهميت کي بيان ڪيو ويو آهي. ۽ پنهنجي چاهيندڙن ۽ پيروڪارن کي ان جي اهيمت بابت وصيت فرمائي آهي.

چو تہ چگو عمل ۽ ڪردار اهم ۽ قيمتي موضوعات بابت سوچ ۽ فڪر ڪرڻ جو نتيجو آهي.

.....

1. شرح غررالحكم ٣٢١/٥
2. شرح غررالحكم ٥٢٢

فڪر ڪرڻ ايمان ۽ يقين ۾ واڌ جو ڪارڻ آهي

ڪائنات جي نظام ۽ هن جهان جي مخلوقات بابت سوچڻ ۽ فڪر ڪرڻ انسان جي دل ۾ ايمان ۽ يقين کي طاقت ڏيندو آهي. پوءِ ان پاڪ پالڻهار ۽ سيني عقيدن تي يقين مضبوط ٿي ويندو آهي اُپ ۾ موجود اربين ستارن ۽ ان کان سواءِ اُپ ۾ موجود بيشمار ستارن جي تخليق ۽ پوءِ انهن جو هڪ منظم نظام مطابق حرڪت ڪرڻ هڪ مُدبر ۽ قادر خالق جي وجود جي هڪ واضح ۽ وڏي دليل آهي. انسان جي سوچ ڪائنات جي عظمت کي سمجهڻ کان قاصر آهي سڃي ڪائنات جي محققن کي خلقت ڪائنات بابت تحقيق ڪندي اهڙن ڳُجهن کي منهن ڏيڻو پيو جوانهن ان جي حقيقت کي درڪ ڪرڻ ۽ سمجهڻ کان جواب ڏئي ڇڏيو پر انهن اهڙيون واضح نشانيون ڏنيون جيڪي عقل وارن جي دليل کي حياتي ڏيندڙ آهن! جي ها هن ڪائنات جي عظمت بابت فڪر ڪرڻ ڪائنات جي خالق قادر مهربان پالڻهار جي وجود مقدس تي ايمان ۽ يقين ۾ اضافي جو ڪارڻ آهي.اولياءِ خدا جي وصفن منجهان هڪ عالم ملڪوت سان دل لڳائڻ آهي اُهي غور فڪر ۽ سوچ جي ذريعي ڪائنات جي ڳجهن رمزن ۽ رازن کي ڳوليندا آهن اُهي نہ رڳو عالم ملڪوت ڏانهن منهن ڪندا آهن بلڪ اُهي پنهنجن دوستن ۽ سڃڻن کي بہ انهي شيءَ جي تلقين ۽ نصيحت ڪندا آهن.

حضرت لقمان جي پنهنجي پُٽن کي کيل نصيحت ۾ آيو آهي:

اَطِلِ التَّفَكُّرَ في مَلَكُوتِ السَّمواتِ وَالْاَرْضِ وَالْجِبالِ وَما خَلَقَ اللّٰهُ،فَكَفى بِهذا واعِظاً لِقَلْبِكَ. (1)

پنهنجي فکر کي آسمانن زمين جبلن ۽ الله جي ٻين خلق کيل شين بابت ڊگهو ۽ طولاني کريو اهڙي قسم جي سوچ ۽ فکر توهان جي دل کي وعظ ۽ نصيحت جي لحاظ سان کافي ٿيندي.

ملکوت بابت ڊگهي فکر کرڻ (جنهن بابت لقمان پنهنجي فرزندن کي وصيت کئي)جا گهڻا اثر آهن جو جيکڏهن انسان انهن کي انجام ڏيڻ جي توفيق پيدا کري تہ ان جي مستقبل ۾ وڏيون تبديليون ظاهر ٿيندیون آهن ڇو تہ ملکوت ۽ آسمانن ۽ زمين ۽ الله جي ٻين مخلوقن جي بابت فکر کرڻ سان اعتقاد ايجاد ٿيندو آهي.

قرآن مجيد ۾ الله سائينء جو ارشاد آهي :

اِنَّ في خَلْقِ السَّمواتِ وَالْاَرْضِ وَاخْتِلافِ اللَّيْلِ وَالنَّهارِ لَآياتٍلِاُولِي الْاَلْبابِ × اَلَّذينَ يَذْكُرُونَ اللّٰهَ قِياماً وَقُعُوداً وَعَلى جُنُوبِهِمْوَيَتَفَكَّرُونَ في خَلْقِ السَّمواتِ وَالْاَرْضِ رَبَّنا ما خَلَقْتَ هذا باطِلاًسُبْحانَكَ فَقِنا عَذابَ النّارِ .(2)

بيشک زمين ۽ آسمان جي تخيلق ۽ ڏينهن ۽ رات جي اچُ وڃُ ۾ عقل وارن لاءِ الله جي قدرت جون نشانيون آهن جيکي ماڻهو اُٺندي ويهندي سُمهندي الله کي ياد کندا

.....

1 . بحارالانوار ج١٣ ص٤٣١

2 . سوره آل عمران آيت:190,191

آهن ۽ آسمان ۽ زمين جي تخليق ۾ غور ۽ فڪر ڪندا آهن تہ پالڻهار تون هي سڀ (هرو پرو) بيڪار خلق نہ ڪيا آهن پالڻهار تون پاڪ ۽ بينياز آهين اسان کي دوزخ جي عذاب کان محفوظ فرماءِ.انهن جو آسمان ۽ زمين جي خلقت بابت غور ۽ فڪر ڪرڻ رڳو جنہ ملڪي ناهي بلڪ جنہ ملڪوتيءَ کي بہ شامل ڪري ٿو ۽ ڪائنات جي مادي ۽ ملڪوتي خلقت ۾ فڪر ڪرڻ سان پنهنجي ايمان ۽ يقين ۾ اضافو ڪندا آهن .

تفڪر بصيرت ۽ ڊگهي سوچ جو وسيلو آهي

انسان جيڪو ڪم ڪرڻ چاهي اُن بابت غور ۽ فڪر کان ڪم وٺي تہ ان جي پڇاڻي ۽ نتيجي تائين پُهچي ويندو ۽ ان کي افسوس ۽ پيشماني کي منهن نہ ڏيڻو پوندو .

حضرت امير المنين پنهنجي سهڻي ڪلام ۾ فرمائن ٿا:

اِذا قَدَّمْتَ الْفِكْرَ في جَميعِ اَفْعالِكَ، حَسُنَتْ عَواقِبُكَ في كُلِّ اَمْرٍ.(١)

جيڪڏهن هر ڪم ڪرڻ کان پهريان ان بابت سوچو ۽ فڪر ڪريو تہ هر ڪم ۾ توهان جي عاقبت چڱي ٿيندي چو تہ هر ڪم بابت سوچڻ ان ڪم جي باري ۾ بصيرت جو سبب ٿئي ٿو اولياءِخدا عظيم ماڻهو هئا اُهي ماڻهو جيڪي پالڻهار جي بارگاه ۾ ويجهڙائي جي نعمت رکندڙ هئا.خاندان

---

١. شرح غررالحكم: 3/162.

وحي جي پُر فيض محضر ۾ حاضر رهندڙ هئا ۽ جيڪي انهن بزرگن جا حامي ۽ مددگار اصحاب هئا .اُهي ڪنهن به ڪم ڪرڻ کان پهرين فڪر جي وڏي نعمت مان فائدو وٺندا هئا

جن چشمہ ولايت منجهان آب حيات پيتو جن خاندان عصمت ۽ وحي جي چمڪندڙ نورسان سان دل لڳائي.جنهن پنهنجي دل ۽ جان کي آل محمد جي علم سان روشن ۽ منور ڪيو.انهن الله پاڪ جي عظيم نعمت يعني فڪر مان فائدو ورتو ۽ هو بيصرت ۽ ڊگهي ۽ سوچ دوراندیشي جا مالڪ بڻجي ويا.

سڃاڻ هدايت ۽ روشن فڪري ۽ ڪنهن به ڳالهه جي حقيقت بابت جاڻ رکڻوسوچ ۽ فڪر سان ايجاد ٿيندي آهي.

حضرت امير المومنين جي علم جي چوليون هٽندڙ سمند جو هڪ گوهرهي به آهي ته. مولا جن فرمائن ٿا:

لا بَصيرَةَ لِمَنْ لا فِكْرَ لَهُ. (١)

ته جنهن وٽ فڪر نه آهي ان وٽ بصيرت ۽ روشن بيني نه آهي

ان وٽ بصيرت ۽ ديد نه آهي ۽ ان جو جيءُ نورانيت سان پريل نه آهي انهي ڪري جو سوچ ۽ فڪر دل جي ڏوڻ، مٽيءَ ۽ زنگ کي لاهي ختم ٿي ڪري ۽ دل کي پاڪ ڪري ان جي اونداهي کي نوانيت ۽ بصيرت ۾ تبديل ڪندي آهي.

.....

١ شرح غورالحكم ٤٠١/٦

جهڙي ريت حُرُ(رضوان الله تعاليٰ عليہ) بيبي فاطمہ جي احترام جي قائل هجڻ جي ڪري اهو سوچڻ تي مجبور ٿي ويو تہ مولا حسين سان جنگ جوڻڻ جو اُن لاءِ ڪهڙو نتيجو نڪرندو بيبي زهرا صديقہ ڪبریٰ جي احترام جي قائل هجڻ جي ڪري ان سوچ ۽ فڪر ان کي گمراهيءَ ۽ ضلالت ۽ هلاڪت کان ڇو ٿڪارو ڏياري ان کي ڪربلا جي شهيدن جي قطار ۾ بيهاري ڇڏيو.

حُرُ غور ۽ فڪر ڪرڻ جي ڪري امام حسين کي جواب ڏيڻ وقت ڪاوڙ ۽ تکڙ بدران تحمل تواضع ۽ ڏاهپ مان ڪم ورتو انهي مناسبت سان اميرالمومين جو هڪ ڪلام آهي جيڪو انسانن جي زندگي کي چوڻڪارو ڏيندو آهي

دَعِ الْحِدَّةَ وَتَفَكَّرْ فِي الْحُجَّةِ وَتَحَفَّظْ مِنْ الْخَطَلِ،تَأْمَنَ الزَّلَلَ. (۱)

تکڙ ڇڏيو ۽ دليل ۽ حجت مطابق فڪر ڪريو ۽ غلط ۽ باطل ڳالهہ چوڻ کان پرهيز ڪريو تہ جيئن چُڪ نہ ڪريو.

حُرُ بہ ائين ئي ڪيو ۽ بصيرت ۽ ڊگهي سوچ ذريعي پنهنجي مستقبل کي ناهيائين جهڙيءَ طرح حر دقت سوچ غور ۽ فڪر کان ڪم ورتو جيڪڏهن سقيفي ۾ جمع ٿيڻ وارا دنيا پرست بہ ائين ئي پنهنجي عاقبت ۽ آخرت بابت سوچين ها تہ سچ جي منهن تي ڏڪ جا ڪکر نہ چانئجن ها پر افسوس صد افسوس .....

.....

۱. شرح غور الحكم ۱۹/۴

حضرت امير المومنين بصيرت ۽ ڊگهي سوچ کي فڪر جي اثرن منجهان قرار ڏيندي فرمائن ٿا:

مَنْ فَكَّرَ أَبْصَرَ الْعَواقِبَ. (١)

جيڪو فڪر کان ڪم ونڊي اهو پنهنجي عاقبت ۽ پُڄاڻيءَ کان ڄاڻو ٿي ويندو آهي

اميرالمومنين کان روايت آهي:

مَنْ طالَتْ فِكْرَتُهُ، حَسُنَتْ بَصيرَتُهُ. (2)

جنهن جي فڪر ڊگهي ۽ دقيق هجي ان جي بصيرت ۽ ديد چڱي ٿي ويندي آهيجو تہ جيڪڏهن فڪر ۾ شخصي اغراض ۽ مقصدن جي ملاوٽ نہ هجي تہ اها صاف ۽ ڇڻي آئيني وانگر حقيقت کي چٽو ڪري ڏيکاريندي آهي .

حضرت امير المومنين فرمائن ٿا:

اَلْفِكْرُ مِرْآةٌ صافِيَةٌ (3)

فڪر هڪ ڇڻُو ۽ صاف آئينو آهي جڏهن فڪر هڪ صاف شفاف آئيني وانگر توهان کي حيقيقت کان ڄاڻو ڪندي آهي تہ پوءِ ان فڪر جي روزي کان فائدو ونو .

.....

1.شرح غررالحكم ٢٧٢/٥

2.شرح غررالحكم ٥..٢٧٢

3.امالي الطوسي ١١۴/١ ۽ نحارالانور ٣۴/٧٧

فڪر جو روزو

اسلام ۾ چُپ ۽ خاموشيءَ جي روزي جو وجود نہ آهي جئين تہ رات جو کائڻ پيئڻ کان پرهيز ڪندي رات جي روزي جي ڪا معنٰي نہ آهي پر جيڪي ماڻهو بلند عالي ۽ وڏن معنوي مقامن ۽ مرتبن کي حاصل ڪرڻ جي ڳولا ۾ آهن اهي چُپ جو روزو رکڻ بدران فڪر جو روزو رکندا آهن اهي پنهنجي ذهن کي بُري ۽ نا پاڪ فڪر سان پليت ناهن ڪندا اهو خاندان رسالت جي طرفان اسان تائين پهتل هڪ حڪم آهي

حضرت امير المومنين جن فرمائن ٿا:

صِيامُ الْقَلْبِ عَنِ الْفِكْرِ فِي الْاثامِ اَفْضَلُ مِنْ صِيامِ الْبَطْنِ‌عَنِ الطَّعامِ. (١)

دل جو گناهن بابت ۾ فڪر کان رکيل روزو کاڏي پيتي کان پرهيز ڪندي پيٽ جي روزي کان وڌيڪ فضيلت ٿو رکي.

جيڪڏهن پنهنجي پاڻ کي بري سوچ سان ناپاڪ نہ ڪريون تہ جهڙوڪ اهو گناهن ۽ برن ڪمن کان انشورنش ۽ بيمو آهي اهڙي صورت ۾ فڪر هڪ صاف شفاف آئيني جيان توهان کي واقعيت ۽ حقيقت ڏيکاريندي فڪر جو روزو انسان جي چوٽڪاري لاءِ موثر ترين ۽ بهترين واٽ آهي جيڪا ان جي اختيار ۾ آهي ۽ اهو روزو معنوي سير لاءِ

.....

1. شرح غررالكم ٢١۴/۴

انسان کي ڪامياب ۽ ڪامران ڪندو آهي فڪر جو روزو انسان جي روح کي معنوي دنيا جي وسيع اُپ ۾ اڏام ڪرائيندو آهي ۽ ان کي ترقي جي چوٽيءَ تائين پهچائيندو آهي.

جيڪڏهن توهان فڪر جو روزو رکڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا تہ شيطان کي شڪست ڏئي سگهو ٿا ڇاڪاڻ جو مومنن لاءِ شيطان جي دشمني تمام ضعيف ۽ ڪمزور آهي ۽ انسان کي گهمراه ڪرڻ لاءِ شيطان جي طاقت ۽ سگهہ بلڪل گهٽ آهي پر اهو انسانن جي ڇُڙواڳ نفس مان فائدو ونندو آهي جيڪو هميشہ انسانن سان گڏ آهي اهو انسانن جي نفس ۾ وسوسہ وجهي ان کي پنهنجو هم عقيده بڻائيندو ۽ نفس جي مدد ساڻ انسان جي وجود کي تباه ۽ برباد ڪري ڇڏيندو آهي ۽ ٻنهي جهانن جي خوشخبتيءَ کان محروم ڪري ڇڏيندو آهي شيطاني وسوسن کي حديث نفس کان چوٽڪاري حاصل ڪرڻ جو رستو دنياوي فڪرن کي ختم ڪرڻ آهي جيڪو پنهنجي نفس کي دنياوي فڪرن کان بچائي ان کان برا ڪم ۽ گناه نہ ٿيندا آهن اهڙيءَ ريت ان کي هميشہ جي خوشبختي حاصل ٿيندي آهي جو تہ صحيح ۽ سالم فڪر انسان کي ڏک سُور ۽ دنياوي فڪرن کان چوٽڪارو ڏيارينڊو آهي جيڪي دنياوي فڪرُون انسان جي سعادت کي ويران ڪنديون آهن.

صحيح ۽ سالم فڪر جا طريقا

١.دقت ،تامل،۽سوچ جي ذريعي فڪر کي سالم ڪرڻ

دقت ۽ غور ۽ فڪر فڪرن جي بررسي ۽ تحقيق فڪر جي تصحيح ۽ غلط ۽ فاسد فڪر کي ختم ڪرڻ ۾ مهم ڪردار ادا ڪري ٿي الله جو مقرب ملائڪ جبرائيل پاڻ سڳورن لاءِ هڪ دعا ڪٽي آيو تہ جيئن اها امت لاءِ نمعت ٿئي ۽ امت ان مان فائدو وٺي ان دعا ۾ آيو آهي:

وَأَلْهَمْتَني رُشْدي بِتَفَضُّلِكَ، وَاَجْلَيْتَ بِالرَّجاء لَكَ قَلْبي وَاَزَلْتَ خُدْعَةَ عَدُوّي عَنْ لُبّي وَصَحَّحْتَ بِالتَّأْميلِ فِكْري. (١)

پالهٹار تو پنهنجي ٻاجهہ سان مونکي منهنجي هدايت جو الهام ڪيو تو سان اميد رکڻ ئي منهنجي دل کي روشن ڪيو ۽ سوچ دقت ۽ تامل جي ذريعي منهنجي فڪر کي سالم ڪيئي

٢. پيٽ پري کائڻ کان پرهيز ڪرڻ

فڪر کي صحيح ڪرڻ ۽ تامل ۽ دقت تي قدرت حاصل ڪرڻ لاءِ پيٽ پري کائڻ کان پرهيز ڪرڻ ضروري آهي ڇو تہ جيڪڏهن کائڻ پيئڻ پنهنجي حد کان وڌي وڃي تہ اهو فڪر کي فاسد ڪرڻ ۾ اثرانداز ٿيندو آهي فڪر جو سُکون جسم جي سڪون سان ڳنڍيل آهي فڪر ان وقت ئي سڪون ۾ هوندي جڏهن پيٽ جي پريل هجڻ جو احساس نہ هجي تڏهن ئي انسان جو ذهن بُرين ۽ شيطاني فڪرن ۾ ٻُڏل رهڻ کان محفوظ رهندو .

.....

1 . بحارالانوار ١٦٣/٩٥

حضرت امير المومنين جن فرمائن ٿا:
مَنِ اقْتَصَرَ في اَكْلِهِ كَثُرَتْ صِحَّتُهُ وَصَلُحَتْ فِكْرَتَهُ. (١)
جيڪو بہ ڪاڏي پيتي ۾ ضروري حد تائين اڪتفاء ڪري تہ ان جي جسماني صحت بہ گھٽي ٿيندي ۽ فڪر بہ اصلاح ٿيندي.
پيٽ پري ڪائڻ جي ڪري بدن جا بخار وڌي ڪري دماغ ڏانهن ويندا آهن ۽ شيطان جي نافذ ٿيڻ جي قدرت وڌي ويندي آهي انهيءَ ڪري ئي بريون ۽ فاسد فڪرون ۽ شيطاني وسوسہ بہ وڌي ويندا آهن گھٽي ڪائڻ کان پرهيز ڪرڻ جي صورت ۾ بدن جا بخار گھٽجي ڪري شيطان جي نفوذ جا رستا بہ گھٽجي ويندا آهن ۽ فڪر جي اصلاح ٿيندي آهي.

٣فڪري اشتباهن ۾ مُنڊل ماڻھن کان پرهيز ڪرڻ

صحيح ۽ سالم فڪر لاءِ اهڙن ماڻھن کان پري رهڻ ضروري آهي جيڪي فڪري اشتباهن ۾ مُنڊل هجن هر ڳالھ کي جلد قبول ڪرڻ وارن ماڻھن کان دوري انسان کي فڪري اشتباهن کان محفوظ رکي ٿي جلدي ڳالھ مڃڻ وارا ساده ماڻھو ۽ جيڪي ماڻھو جلدي ٻئي کان ڏوکو کائين اُهي فڪري لحاظ سان ضعيف ۽ ڪمزور هوندا آهن .

حضرت امير المومنين جن فرمائن ٿا:
مَنْ ضَعُفَتْ فِكْرَتُهُ قَوِيَتْ غِرَّتُهُ. (2)

.....

1. شرح غررالحكم ٥/372
2. شرح غررالحكم ٥/٢٨٠

جن جي فڪر ضعيف هجي ان لاءِ فريب ۽ ڏوڪوڪائڻ قوي ٿي ويندي آهي .

ڪمزور فڪر انسان جي لاءِ ڏوڪي ڪائڻ جا امڪان فراهم ڪندي آهي ڇوتہ جڏهن اهڙن ماڻهن ۾ غور ۽ فڪر ڪرڻ جي سگهہ گهٽ هوندي آهي تہ پوءِ وهم ۽ خيال جي سگهہ وڌي ويندي آهي ان ڪري اُهي ٻين جي راءِ ۽ نظرين کي جلدي قبول ڪندا آهن ڇو تہ وهم ۽ خيال جو غلبو قبول ڪرڻ جي سگهہ کي ايجاد ڪندو آهي پر سوچ ۽ فڪر دليل ۽ برهان قبول ڪرڻ جي حالت کي شرطن ۽ شروطن سان مجيندي آهي انهيءَ ڪري ئي محمد وآل محمد جي فرمانن ۽ تعليمات ۾ فڪري اعتبار سان ضعيف ماڻهن سان اُٺ ويهہ ۽ واسطي رکڻ کان منع ڪيو ويو آهي.

تہ جئين انهن جي صُحبت جي ڪري انهن جا اشتباه ٻين جي فڪرن ۾ منتقل نہ ٿي وڃن.

تمرڪز، فڪر غور و فڪر جي قدرت ۾ واڌ جو سبب ٿئي ٿو

جيڪو بہ غور ۽ فڪر ڪري رهيو هجي ان جي لاءِ ذهني اطمينان آرام ۽ سڪون ضروي آهي ڇو تہ ذهني تشويش تمرڪز فڪري کان مانع آهي ۽ جڏهن فڪر متمرڪز (هڪ جاءِ تي) نہ هجي تہ ان جي طاقت گهٽجي ويندي آهي.

تمرڪز۽ فڪر لاءِ پُر سڪون ۽ آرام وارو ماحول ۽ فضا هجي جيڪو فڪر جي مُحيط ۽ دائري کي وسيع ڪري اهڙيءَ ريت ئي هيجان ۽ روحي بَدسُڪوني بہ فڪر کي پوري طرح ڪنٽرول نڻا ڪري سگهن جيڪڏهن تمرڪز۽

فکر جي قدرت پيدا ٿي وجي ته قوي ۽ قدر تمند فکر حاصل ٿيندي ڇو ته ان ۾ کوبہ شک ۽ تردید نہ آهي جيڪو تمرکز ۽ فکر کي کيترين ئي حد تائين وڌائيندو آهي انهيءَ کري تمرکز فکري جو طريقو سکو ۽ ان جي وچ۾ ايندڙ رکاوٽن کي بر طرف کريو.تمرکز۽ فکر انسان جي باطني ۽ روحي حالتن منجهان حاصل ٿيندي آهي انهيءَ کري ان کي تکڙ ۾حاصل کرڻ لاءِ مشق کريو ته جئين وقت گذرڻ سان گڏو گڏ اسان ۾ اها سَگهہ پيدا ٿي وجي ۽ اسان ان مان استفادو کريون ته کاميابيءَ تائين پهچڻ جا رستا اسان لاءِ کُلي ويندا.کيترائي دانشمند ۽ محصلين نابغہ طالبعلمن جي حالت تي ساڙ جو شکار ٿي ويندا آهن ڇو ته اهي ذهين نہ هجڻ جي کري کاوڙيل هوندا آهن کڏهن ته بعض ليکک هي عيقدو رکن ٿا ته.هک ذهين ۽ عادي يا عام ماڻهن جي فکر ۾ فرق هي آهي ته نابغو پنهنجي ذهن کي خاص ۽ گهڻن طريقن سان استعمال کري انهن مان فائدو ونندو آهي توهان بہ پنهنجي ذهن کي خاص ۽ گهڻن طريقن سان استعمال کري ان مان فائدو ونڻ جي سگهہ رکو ٿا" کجهہ ماڻهو اهو خيال کندا آهن ته نابغو ۽ ذهين ماڻهو ننڍپڻ کان ئي غير معمولي حافظي جو مالک هوندو آهي پر انهن جو اهو خيال صحيح نہ آهي ڇو ته کيترن ئي ذهين ماڻهن ۾ وڏي ٿيڻ تائين ذهانت نالي کاشيءِ نہ هوندي آهي ايستائين کجهہ پنهنجي والدين ۽ تربيت ڏيڻ وارن جي نظر ۾ ٻاراڻي ذهن جا مالک هئا آئن استائن جيکو دنيا ۾ ذهين

ترين ماڻهو طور سجا تو وجي ٿو اهو ۽ انهن ماڻهن منجهان هڪ آهي.

ڪيترن ئي ذهين ماڻهن پنهنجي ذهانت ۽ڏاهپ کي عمر جي آخري حصي ۾ سنواريو پلي جو ڪجهه ذهين ماڻهن ۾ ذهانت جون نشانيون آهن.

پر اها ان ڳالهه جي دليل نه آهي ته سڀني ذهين ماڻهن ۾ ذهانت جون نشانيون ننڍ پڻ کان ئي ظاهر هونديون آهن ڇو ته جئين اسان عرض ڪيو سين ته ٿي سگهي ٿو ته انسان فڪري سگهه مان فائدو حاصل ڪندي هڪ نئين فوق العادات ۽ استثنائي شخصيت جو مالڪ ٿي وڃي ذهني فڪر جو تمرڪز فڪر جي سگهه ۾ وڌيڪ فائدو حاصل ڪرڻ جو هڪ موثر طريقو ۽ رستو آهي فڪر ۽ تمرڪز فڪر ايترا ته اهم آهن جو اسان ان جي هزارن منجهان هڪ ڳجهه کي به ڳولي نه سگهيا آهيون فڪر کي جسم جي صورت ڏيڻ ۽ فڪر موجود ات کي ايجاد ڪرڻ اهڙن مسئلن منجهان هڪ آهي جن جي جاڻ نه ٿي سگهي آهي جهڙيءَ ريت اسان روح جي حقيقت به کي نٿا جاڻيو اهڙي طرح فڪر جي حيقيقت به اسان لاءِ اڻجاتل آهي ڇو ته غور ۽ فڪر جو سرچشمو روح آهي ڇو ته جيڪو ماڻهو پنهنجي رُوح وجائي ويهي اهو تفڪر ۽ تدبر تي قدرت نه ٿو رکي بس روح منجهان فڪر پيدا ٿيندي آهي ۽ ذهن هڪ ذريعو آهي ۽ وسيلو آهي جنهن جي مدد سان روح انسان جي غور ۽ فڪر کي ظاهر ڪندي آهي جهڙيءَ ريت اک روح جي لاءِ وسيلو آهي جو انسان روح تي تسلط جي ذريعي اکين سان شين کي ڏسندو آهي.

بحث جو نتيجو

توهان غور ۽ فکر، تفکر ۽ تعقل جي ذريعي بلند عظيم ۽ وڏن قيمتي خزانن کي پنهنجي ذهن مان ٻاهر کڍي، تامل ۽ دقت جي ذريعي پنهنجي فکرن مان قيمتي گوهر حاصل کريو جو کيترائي قيمتي خزانا انهن خزانن جي سامهون بي قيمت ۽ اٽمُلھ ٿيو وڃن .

پنهنجي فکر کي متمرکز کريو ۽ تمرکز فکر جي سگھ مان فائدو وٺندي پنهنجي عقلي ۽ ذهني طاقت کي وڌايو غور ۽ فکر جي ذريعي توهان نہ رڳو پنهنجي ذهن ۽ پنهنجي ڄاتل ضمير ۾ تحولات ايجاد کري سگھو ٿا بلڪ پنهنجي ان ضمير ۾ بہ تبديليون آڻي سگھو ٿا جنهن کي توهان نہ ٿا ڄاڻيو فکر توهان جي نفس ۽ روح جي لاءِ چڪمڪ آهي چوتہ توهان جنهن موضوع جي باري ۾ سوچو اُها فکر توهان کي ان ڏانهن چڪيندي.

فکر ڪرڻ جي ذريعي فضائل ۽ مناقب اهلبيت جي ذريعي سان پنهنجي روح کي بُلندين تي وٺي وجو تہ جئين ان خاندان لاءِ مجذوب ٿي سگھو ۽ انهن ڏانهن چڪجي سگھو.

هن ڪائنات ، آسمان ۽ زمين جي ملڪوت ۽ الله جي آيتن نشانين منجهان ظاهر ٿيندڙ عظمتن ۾ غور ۽ فکر سان توهان ۾ وڏيون تبديليون پيدا ٿيندیون

فکري اشتباهن ۾ مُنڍل ماڻهن جي اُڻ ويھ ۽ صحبت کان پاسو کريو ۽ سوچ رکڻ وارن ماڻهن سان اٹو ويهو

به یك تدبیر نیکو آن توان کرد
که نتوان با سپاه بیکران کرد
به رأیی لشکری را بشکنی پشت
به شمشیری یکی تا ده توان کشت

.....

هدف ۽ مقصد

بهترين هدف ۽ مقصد کي انتخاب ڪريو

هن ٿوري ڄمار ۾ وقت وڃائڻ وارن ڪمن کان پرهيز ڪريو ۽ اهڙن مهم ۽ ضروري ڪمن ۾ پنهنجو وقت گذاريو جيڪي دنيا ۽ آخرت ۾ پنهنجي لاءِ فائديمند ثابت ٿين، اسان کي گهرجي مهم ۽ ضروري مسئلن کي پنهنجو هدف ۽ مقصد قرار ڏيون ۽ ان هدف ۽ مقصد تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪريون ۽ غير ضروري ڪمن ۾ وقت وڃائڻ سان اسان پنهنجا بنيادي ۽ ضروري ڪم وساري و يهندا سين ۽ خلقت جي مٿاهين ۽ عالي مقصد تائين نہ پڄي سگهندا سين.

مولا اميرالمومنين علي عليہ السلام جن فرمائن ٿا:

مَنِ اشْتَغَلَ بِغَيْرِ الْمُهِمِّ، ضَيَّعَ الْاَهَمَّ. (١)

جيڪو غير ضروري ڪمن ۾ رڌل هوندو اهو مهم ۽ ضروري ڪم وڃائي ويهندو

.....

1.شرح غرر الحكم : ۵ / ٢٣٠

بيڪار ۽ هرو ڀرو جي مسئلن ۾ مصروف رهڻ سان اعلي ۽ مٿاهين مقصدن تائين نہ پهچي سگهندا سين ۽ پنڌتي رهجي ويندا سين اها هڪ حقيقت آهي تہ جنهن کي امير المومنين ٿورڙن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي تہ جئين ان مان پوري انسانيت خاص طور تي جوان نسل سبق وٺي.

جيڪڏهن بشريت مولا جي ان فرمان مان سبق وٺي تہ دنيا ۾ وڏيون تبديليون وجود ۾ ايندیون ۽ ڇو تہ اسان جي ڄمار ٿوري آهي ۽ اسان ۾ سين ڪمن ڪرڻ جي سگهہ نہ آهي ان لاءِ ان ڄمار کي عظيم ۽ سڏن ڪمن ۾ گذارڻ گهرجي ۽ هرو ڀرو ۽ بيڪار ڪمن ۾ وقت ضايع ڪرڻ کان ڪيڀائڻ گهرجي جنهن ۾ وقت جي زيان ۽ خساري کان سواءِ ڪجهہ حاصل ڪونہ ٿو ٿئي .پهنجي ڄمار ڇڪي نموني فائدو وٺڻ ۽ ان کي ضروري ۽ قيمتي ڪمن تي گذارڻ لاءِ اسان کي گهرجي تہ اسان جي فڪر جزئي مسئلن ۾ رڌل نہ هجي تہ جيئن اسين بهترين اهداف ۽ مقصدن کي حاصل ڪري سگهون.

مولا علي عليہ السلام جن فرمائن ٿا:

إِنَّ رَأْيَكَ لايَتَّسِعُ لِكُلِّ شَيْءٍ فَفَرِّغْهُ لِلْمُهِمِّ. **(1)**

توهان جي فڪر سيني ڪمن کي ڪرڻ جي سگهہ ۽ وسعت نہ ٿي رکي تنهن ڪري ان کي مهم ۽ ضروري ڪمن لاءِ استعمال ڪريو.

.....

1.شرح غرر الحكم :2/606

هدف ۽ مقصد جي نتيجي تي توجهه ڪريو.مهم ترين ۽ بهترين هدف کي چونڊڻ جي لاءِ ان جو نتيجو پوري طرح واضح ۽ علم ۽ هجي تنهن ڪري اهڙي ڪم ۽ جي لاءِ برنامو رڙيو وجي جنهن جي نتيجي کي اسان پنهنجو مقصد قرار ڏئي سگهون ۽ ان بابت اسان کي پوري جاڻ هجي ۽ تحقيق کان پوءِ ان جو نتيجو اسان لاءِ روشن هجي ان ڪم جي نتيجي کي اهلبيت جي فرامين سان مقايسو ۽ موازنو ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي همت کي هدف تائين پهچڻ لاءِ طاقت ڏيو ۽ سُستي ۽ غفلت کان پرهيز ڪري ان کي ترڪ ڪرڻ کپي

پاڻ سڳورن فرمايو:

إذا هَمَمْتَ بِأَمْرٍ فَتَدَبّرْ عاقِبَتَهُ فَإِنْ كانَ خَيْراً فَأَسْرِعْ إِلَيْهِ وَإِنْ كانَشَرّاً فَانْتَهِ عَنْهُ. **(1)**

جڏهن ڪنهن ڪم ڪرڻ جي همت ڪيو تہ ان جي نتيجي بابت غورو فڪر ڪريو جيڪڏهن اهو ڪم چڱو آهي تہ اهو ڪم ڪريو ۽ جيڪڏهن اهو ڪم برو آهي تہ نہ ان کي چڏي ڏيو جڏهن توهان ڪنهن ڪم کي پنهنجو مقصد قرارڏيو تہ ان بابت تحقيق ڪريو ۽ ان جي نتيجي کي مشخص ڪرڻ کان پوءِ ان ڪم کي شروع ڪريو پوءِ ان کي اڄ يا سياڻي ڪرڻ بدران واندڪائيءَ مان فائدو ونندي ان ڪم کي انجام ڏيو جيستائين کا رڪاوٽ نہ اچي هي اها وات آهي جنهن تي

.....

1.بحارلانوار :٧٢ /٣٤٢

اسان جا بزرگ هليا توهان ۾ انهن جي نقش قدم تي هلندي هن رستي کي طئي ڪريو

انسان کي خلق ڪرڻ جو ڪهڙو مقصد آهي؟

جهڙي طرح اسان چيوسين ته انسان جي زندگي ۾ ڪو مقصد هجڻ کپي اِن ڪري ان کي وڏن ۾ عظيم مقصدن جي ڄاڻ هجڻ کپي ته جيئن انهن منجهان بهترين مقصد جي چونڊ ڪري انسان کي خلق ڪرڻ جو جيڪو راز آهي ان راز جي ڄاڻ اسان جي رهنمائي ڪري سگهي ٿي خداوند عالم قرآن شريف فرمائي ٿو:

»وَما خَلَقْتُ الْجِنَّ وَالإِنْسَ إِلاَّ لِيَعْبُدُونَ«.**(1)**

مان جنن ۽ انسانن کي پيدا نہ ڪيو آهي پر ان لاءِ ته اهي منهنجي عبادت ڪن .

تفسيرنورالثقلين ۾ ان آيت هيٺ امام صادق عليہ السلام کان نقل ٿيل هڪ روايت کي ذکر ڪيو ويو آهي

قالَ: خَرَجَ الْحُسَيْنُ بْنُ عَلِيٍّ عَلى أَصْحابِهِ فَقالَ: أَيُّهَا النَّاسُ إِنَّ اللَّهَعَزَّوَجَلَّ ذِكْرُهُ، ما خَلَقَ الْعِبادَ إِلاَّ لِيَعْرِفُوهُ، فَإِذا عَرَفُوهُ عَبَدُوهُ، فَإِذاعَبَدُوُه اِسْتَغْنَوْا بِعِبادَتِهِ عَنْ عِبادَةِ مَنْ سِواهُ، فَقالَ لَهُ رَجُلٌ: يَابْنَرَسوُلِ اللَّهِ بِأَبي أَنْتَ وَاُمّي فَما مَعْرِفَةُ اللَّهِ؟قالَ: مَعْرِفَةُ أَهْلِ كُلِّ زَمانٍ إِمامَهُمْ الَّذي تَجِبُ عَلَيْهِمْ طاعَتُهُ **(2)**

امام صادق عليہ السلام جن فرمايو ته امام حسين عليہ السلام پنهنجي اصحاب ۾ آيا ۽ فرمايائون ايهاالناس، الله تعالي پنهنجي ٻانهن کي پيدا نہ ڪيو آهي مگر ان لاءِ ته اهي

.....

1.سوره ذاريات آيت٥٦

2.تفسير نور الثقلين: 122/5

ان کي سجاڻين جڏهن هو ان کي سجاڻيندا ته پوءِ ان جي عبادت کندا ۽ پوءِ ان جي عبادت ذريعي غير جي عبادت کرڻ کان بي نياز ٿي ويندا هڪ شخص مولا کي عرض کيو اي فرزند پيغمبر منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تان قربان ٿين الله کي سجاڻن ۽ ان جي معرفت خدا ۽ الله کي سجاڻڻ مان مراد ڇا آهي ؟ مولا فرمايو : ته هر زماني جا ماڻهو پنهنجي وقت جي امام کي سجاڻين جنهن جي اطاعت انهن جي مٿان فرض آهي ان آيت ۽ ان روايت مان اها ڳالهه واضح ٿئي ٿي ته جنن ۽ انسانن کي خلق کرڻ جو مقصد بندگي ۽ عبوديت جي رتبي تائين پهچڻ آهي ۽ ان رتبي تائين انسان تڏهن پهچندو جڏهن الله جي معرفت هوندي جيڪو الله جي معرفت ۽ سجاڻ رکي ٿو ان کي امام عصرعج جي مرتبي جي سجاڻ ۽ معرفت به هجڻ گهرجي . بس پوءِ هن زماني ۾ اسان جو وظيفو ۽ فرض هي آهي ته اسين امام زمان جي معرفت ۽ سجاڻ رکون ۽ امام جي خدمت کرڻ پنهنجي زندگي جو هدف ۽ مقصد سمجهون ڇو ته امام صادق عليہ السلام پنهنجي ڪلام ۾ ان زماني جي سيني شيعن ۽ مقام ولايت کي سجاڻڻ وارن جي وظيفي کي هن طرح بيان فرمائن ٿا :

لَوْ أَدْرَكْتُهُ لَخَدَمْتُهُ أَيَّامَ حَياتي.

جيڪڏهن امام عصر جي زماني ۾ هجو ته جيستائين زنده هجو انهن جي خدمت کندا رهجوگذريل ڳالهين ۽ مطالب مان اها پروڙپوي ٿي ته اسان کي مقام عبوديت تائين پهچڻ ۽ معارف ديني کي حاصل کرڻ کان پوءِ امام زمان

جي چگّي نموني خدمت ڪرڻ گهرجي تہ جيئن سندن جي بابرڪت وجود مان ڪجهہ پرائي سگهون ۽ انهن جي خادمن مان اسان بہ ڳڻيا وڃون بيشڪ هر زماني ۾ دين امام ۽ حجت زمان جي خدمت ڪرڻ انهن ماڻهن جي ريت رهي آهي جن عبوديت جي رتبي کي حاصل ڪيو سلمان ابوذر قنبر مقداد ۽ اهلبيت جا سڀ خاص اصحاب بندگي جي رتبي ۽ مقام عبوديت تائين پهچڻ کان پوءِ پنهنجي سموري ڄمار اهلبيت جي خدمت ۾ رُڌل رهيا ۽ ڪامياب ٿي ويا هي انهن ماڻهن جي واٽ آهي جن خلقت جي هدف ۽ مقصد کي سجا توهان بہ ان واٽ تي هلو تہ جيئن ڪامياب ٿي وڃو.

از گنج جهان به جز خزف نداری
راه‌هایی برای رسیدن به هدف

جيڪڏهن توهان جو زندگي ۾ ڪو مقصد نہ آهي تہ دنيا جي خزاني ۾ توهان کي هڪ پٿرکان سواءِ ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿيندو

مقصد ۽ هدف تائين پهچڻ جا طريقا

۱_ پنهنجي مقصد جي حاصل ٿيڻ جي اميد

گهٽا ماڻهو علوم ۽ معارف ۾ هڪ وڏي مرتبي ۽ ترقي جا خواهشمند هوندا آهن تہ جيئن اهي بہ وڏن ماڻهن وانگر پنهنجي قوم جي سڌاري لاءِ هڪ اثراٿتو ڪردار ادا ڪري سگهن ۽ ماڻهن کي معنويت جي واٽ ڏيکارين ۽ انهن جي رهنمائي ڪن اها هڪ اهڙي خواهش ۽ چاهت آهي جيڪا گهڻن ماڻهن ۾ پاتي ويندي آهي پر اهي ماڻهوانهن وڏن

۽عظيم ماڻهن جي ڪاميابي جي راز کان ڄاڻو نہ آهن جن تاريخ جي صفحن کي پنهنجي نالي سان روشن ڪيو اهي ان خواهش ۽ آرزو کان نا اميد ٿي ڪري ان کي نلهو خيال سمجهن ٿا اهلبيت جي مڪتب کان سکيل انسان سازي جي سبقن کي نظر ۾ رکندي ۽ انهن وڏڻن جي (حيات ڏيندڙ رهنمائي) جيڪا اسان جي دلين کي روشن ڪندي آهي مان اها حقيقت روشن ٿئي ٿي تہ وڏا هدف ۽ مقصد ۽ وڏيون خواهشون اهڙين شين منجهان آهي جنهن جي اهلبيت پنهنجي مڃڻ وارن ۽ پيروڪارن کي تلقين ڪئي آهي ۽ انهن کي نااميدي مان ڪڍي ڇڏيائون انهن عظيم هستين نہ رڳو پنهنجي حديثن ۽ فرمائن ۾ بلڪ پنهنجي دعائن ۾ بہ اسان کي اميد جو سبق ڏنو انهيءَ ڪري انهن اسان کي اهو حڪم ڏنو تہ جمعي جي ڏينهن هيءَ دعا پڙهو:

اَللّهُمَّ اجْعَلْنا مِنْ أَقْرَبِ مَنْ تَقَرَّبَ إِلَيْكَ. (1)

پالڻهارا اسان کي انهن جي ويجهو ڪر جيڪي تنهنجي ويجهو هئا اهڙيون دعائون هران شخص لاءِ اميد جو سبق آهي جيڪو پنهنجي پاڻ کي گهٽ سمجهي ٿو اهي دعائون اهلبيت جي پيروڪارن جي دليل ۾ عالي مقصد تائين پهچڻ لاءِ اميد جو ڏيئو آهن

.....

1.بحار الانوار: 339/90

هڪ نڪتي جو تذڪر

پنهنجي مقصد جي مخالفن جي صحبت ڇڏي ڏيو انهن سان گڏ اٿڻ ويهڻ سان ناميد پيدا ٿيندي آهي جيڪا توهان جي ارادي ۽ مقصد تي اثرانداز ٿيندو جيڪڏهن توهان اهڙن ماڻهن سان اٿڻ ويهڻ تي مجبور آهيو تہ انهن کي پنهنجي مقصد جي بابت نہ ٻڌايو ۽ اهوراز پنهنجي دل ۾ ئي لڪائي رکو ڪجھ ماڻهوٻين تي ٽوڪون ۽ ٺٺول ڪري انهن جو مستقبل تبديل ڪري ڇڏيندا آهن ۽ اهي پاڻ وانگر ٻين کي بہ انهن جي عظيم مقصد تائين پهچڻ کان مايوس، نا اميد ڪري ڇڏيندا آهن ۽ انهن جي ڪاميابي جي واٽ ۾ ڪنڌا وڇائيندا آهن اهڙا ماڻهو توهان جي ترقي جي واٽ ۾ رڪاوٽ آهي اهي ڪجھ لفظن جي ذريعي توهان کي توهان جي مقصد ۽ ڪاميابي کان ڦيرائي سگهن ٿا اهڙي حالت ۾ توهان جو فرض هي آهي توهان انهن کي سجاڻيو ۽ انهن جي گڻن لفظن سان ناميد نہ ٿيو.

2_ مقصد کي حاصل ڪرڻ ۾ طلب ۽ ڪوشش جو ڪردار

انسان کي بلند ۽ عالي مرتبہ مقامات کان روڪڻ لاءِ شيطاني سازشون بہ اثرانداز ٿيندیون آهن شيطان مختلف قسم جا وسوسہ وجهندو آهي تہ ڇا ايترين مشڪلات جي هوندي ان واٽ تي هلڻ ممڪن آهي؟ ڇا پنهنجي هدف کي پوري عظمت سان گڏ حاصل ڪري سگهندين ۽ ڇا.....؟ اهڙي طرح ٻيا سوين سوال، ڪڏهن ڪڏهن شيطان نہ رڳو

ڪم شروع ڪرڻ کان پهريان ئي وسوسن ۽ گهمراهه ڪندڙ خيالن سان مايوسي ۽ نااميدي پيدا ڪندو آهي بلڪ ڪڏهن ته اڌ واٽ ۾ ٻه گمراهه ڪري ڇڏيندو آهي ، عظيم مقصدن جي گهر ڪرڻ وارا توجهه ڪن انسان اهڙيءَ ريت خلق ٿيو آهي جو جيڪڏهن ڪجهه وقت سختين ۽ ڏکن کي برداشت ڪري ته ان جون مشڪلاتون ۽ مصيبتون آسانيءَ ۽ سُک ۾ تبديل ٿي ويندیون آهن جيڪڏهن شروعات ۾ برنامو ڏکيو ٻه هجي ته تڪرار جي ذريعي ان جي عادت ٿي ويندي آهي ان ڪانسواءِ الله سائين عظيم مقصد رکڻ وارن جي تڪليفن کي آسان ڪندو آهي ۽ اهلبيت جي مدد عطا ڪري انهن مشڪلن کي حل ڪندو آهي حقيقت ٻه انهن مسئلن مان هڪ آهي ڇو ته حق ٻه ڪڙو ڏکيو هوندو آهي خاص طور انهن ماڻهن لاءِ جيڪي گناهن جي پليتي ۾ ٻڏل حوس ۽ شيطاني وسون جا پيروڪار هجن اهڙن ماڻهن لاءِ حق ڏاڍو ڳرو هوندو آهي ڇو ته اهو انهن جي ڳُهر مطابق نه هوندو آهي پر حقيقت جا طالب ۽ حقيقت تائين پهچڻ جي خواهش رکڻ وارن لاءِ حق ڳرو نه هوندو آهي

مولا علي جن فرمائن ٿا :

وَالْحَقُّ كُلُّهُ ثَقيلٌ وَقَدْ يُخَفِّفُهُ اللَّهُ عَلى أَقْوامٍ طَلَبُوا الْعاقِبَةَ. **(1)**

سمورو حق ڳرو آهي پر خدا عاقبت جي ڳولا ڪرڻ وارن لاءِ ان کي هلڪوڪري ڇڏيندو آهي.

.....

1. شرح غررالحكم :٥/ ٣٠٥

انهن فرمانن مان اها پروڙ پوي ٿو ته ڳولا مشڪل ڪي آسان ڪرڻ ۾ وڏي اثرائتي آهي وڏن هدفن کي ڏيکيو ۽ انهن تائين پهچڻ کي نا ممڪن سمجهڻ وارا اهڙا ماڻهو هوندا آهن جن کي اميد " طلب کي حاصل ڪرڻ جي سانهه نه هوندي آهي جن پنهنجي ارادي کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

پنهنجي مقصد تائين پهچي ويا پوءِ پلي جو انهن جومقصد ۽ انهن جي چاهت ڏکي چونه هئي پر چو جو اهي پوري طرح ان کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا ان لاءِ نيٺ انهن جون سختيون ۽ مشڪلون سهولت ۽ آسانيءَ ۾ تبديل ٿي ويون جو پاڻ به تصور نه پيا ڪري سگهن ته هو پنهنجي مقصد تائين پهچي ويا آهن.

يقين ڪريو ته ڪنهن شيءِ جي طالب لاءِ ڳولا ڪرڻ ۽ ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش سان ان شيءِ کي حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ خوشي ۽ سڪون ملندو آهي ان لاءِ ڪاميابي ۽ عظيم مقصدن تائين پهچڻ لاءِ ڪوشش ڪريو ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڳولا ڪريو ته جيئن ان کي حاصل ڪرڻ جي واٽ سڌي ٿيءِ.

ڪُنڊ ڪُڙڇ ۾ وجي ويهڻ ۽ هٿ تي هٿ رکي ويهڻ سان ۽ خيالن ۾ ٻُڏل رهڻ سان انسان پنهنجي مقصد تائين نه ٿو پهچي سگهي اهي ماڻهو ئي پنهنجي دلي خواهش ۽ مقصدن تائين پهچي سگهن ٿا جيڪي انهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڳولا ۽ ڪوشش ڪن. جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي مقصد کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ته ائين ناهي جو هن کي ڪجهه به حاصل نه ٿئي جيڪڏهن هو سموري مقصد تائين نه

پهتو ته ڪجهه نه ڪجهه ضرور ان کي حاصل ٿيندو اِهو پنهنجي سَر پاڻ هڪ اهم نتيجوآهي جيڪو طلب ۾لڪيل آهي

مولا علي عليہ السلام جن فرمائن ٿا:

مَنْ طَلَبَ شَيْئاً نالَهُ اَوْ بَعْضَهُ. (1)

جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن شيءِ جي طلب ڪري ته يا هو سموري شيءِ کي يا ان جي ڪجهه مقدار کي حاصل ڪندو اهڙي ريت وڏي ۽ قيمتي هدف جي چونڊ ڪريو ۽ ان کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ محنت ۽ ڪوشش ڪريو اهڙيءَ ريت توهان پنهنجي مقصد تائين پهچي ويندو يا پنهنجي مقصد جي ڪجهه حصي کي حاصل ڪري ونڊندو

3 _ بزرگ هستين جي خدمت ۾ رهڻ

اهلبيت جي مڪتب ۾ ڪمال جي وڏن مررتبن ۽ مرحلن تائين پهچڻ کي تمام اهم قرار ڏنو ويو آهي انهي ڪري اهلبيت جي ڪيترن ئي فرمانن ۾ ان بابت آيو آهي جيڪڏهن انسان ان تي عمل ڪري تي ان جو مستقبل روشن ٿي ويندو انهن فرمانن منجهان هڪ بزرگ هستين سان گڏ انهن جي خدمت چاڪري ۾ رهڻ آهي جيڪي پنهنجن عظيم مقصدن کي حاصل ڪرڻ ۾ڪامياب ٿي ويا

امام صادق کان هڪ شعر جي ضمن ۾ نقل ٿيو آهي :

عَلَيْكَ بِأَهْلِ الْعُلى. (2)

.....

1. شرح غررالحکم :۵ /۲۰۵

2.بحار الانوار :۴۷ /۲۴

توهان جي مٿان فرض آهي تہ توهان بلند مرتبہ شخصيتن سان گڏ رهو ,ڇو تہ اهڙن ماڻهن کي ڏسڻ انهن جي ڪچهري ۾رويهڻ انسان جي ارادي کي طاقتور بڻائي انکي وڌن مقصدن جي واٽ ڏيکاريندو آهي اهڙن ماڻهن جي همت وڌائيندي آهي انهن جو بلند مرتبو بي مقصد ماڻهن کي سجاڳ ڪندو آهي جي ها! توهان انهن عظيم ۽ بزرگ هستين جي خدمت ۾ بلند ۽ قيمتي مقصدن کان ڄاڻو ٿيندوء ۽ توهان ۾ انهن مقصدن تائين پهچڻ جو شوق وڌندو وڌن مقصدن تائين پهچڻ جي لاءِ نفس جي مخالفت جيکي ماڻهون وڌن مقصدن تائين پهچڻ جي خواهش رکندا آهن اهي سستيءَ کي ڇڏي نفساني خواهشن سان جوان جيان جنگ چوٽيندا آهن. مولا علي جن فرمائن ٿا:

مَنْ أَحَبَّ نَيْلَ الدَّرَجاتِ الْعُلی فَلْيَغْلِبِ الْهَوی. (1)

جيکو ماڻهو وڌن عالي مرتبن تائين پهچڻ چاهي ٿو اهو پنهنجي هواءنفس تي غالب اچي هي ملکوتي فرمان ملک ۽ ملکوت جي ولايت جي مالک مولا علي جي زبان مبارک مان نڪتو آهي ان ۾ انهن سمورن انسان لاءِ هک سبق آهي جيکي بلند مقصدن کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ آهي ۽ جيکي ديني ۽ معنوي رتبن کي حاصل ڪرڻ لاءِ محنت ڪري رهيا آهن هي آسماني فرمان سمورن انسانن خاص طور تي نوجوانن ۽ جوانن لاءِ هک وڏو سنيهو آهي جيکي روشن مستقبل جي خواهش رکن ٿا.

.....

1.شرح غرر الحكم: *5/394*.

5- عظيم مقصدن تائين پهچڻ لاءِ اهلبيت سان توسل

جيئن ته انسان هر نيڪ ۽ چگي ڪم ڪرڻ لاءِ ٽن شين جو محتاج هوندو آهي

1 پڪو، مضبوط ارادو

2 ذهن ۾ موجود مقصد کي حاصل ڪرڻ جي سگهه

3 الله پاڪ جي توفيق جيڪو ان جي مدد ڪري

انهن ٽن شين مان مان جيڪڏهن ڪنهن هڪ ۾ به ڪمزري هجي ته برنامي کي انجام ڏيڻ ۾ اڳيرائي نه ٿيندي ۽ ڪم بيهي ويندو انهن ٽن شرطن ۽ مقصد تائين پهچڻ لاءِ اهلبيت کي وسيلو قرار ڏيو اسان زيارت اميرالمومنين ۾ پڙهندا آهيون:

بِكَ اَتَوَسَّلُ إِلَى اللَّهِ في بُلُوغِ مَقْصُودي. (1)

پنهنجي هدف ۽ مقصد تائين پهچڻ لاءِ توهان کي الله ڏانهن وسيلو قرار ڏيان ٿو نه رڳو ڪم جي شروعات ۽ انهن شرطن کي حاصل ڪرڻ لاءِ بلڪ مقصد جي حاصل ٿيڻ تائين انهن سان متوسل رهو ۽ الله جي جانشينن ۽ ڪائنات جي اميرن کي الله جي فيض ۽ مقصدن تائين پهچڻ لاءِ وسيلوقرار ڏيو.

.....

1. بحار الانوار :100/332

بحث جو نتيجو

بهترين ۽ عالي مقصدن کي سجاڻيو ۽ ان جي چوند ڪريو پڪي پهه ۽ ارادي سان مقصد تائين پهچڻ جي جاکوڙ ڪريو بي همت ماڻهن کان پرهيز ڪريو ۽ بلند مقصد رکڻ وارن ماڻهن سان صحبت ۽ اٺ ويهه ڪريو ته جيئن انهن جي ذريعي توهان جو عالي ۽ قيمتي مقصد مشخص ٿي سگهي جڏهن توهان حيقيقي ۽ واقعي طور تي بهترين مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪندو ته الله سائين توهان جي لاءِ سختين ۽ مشڪلن کي آسان ڪري ڇڏيندو خبردار هوشيار رهو ته هي رنگين دنيا توهان کي پنهنجي عالي انساني هدف کان پري نه ڪري ڇڏي ۽ توهان نا حق کي حق نه سمجهي ويهو انسان کي پيدا ڪرڻ جو مقصد الله سائين جي عبادت ڪرڻ ۽ عبوديت جي مرتبي تائين پهچڻ آهي اهو تڏهن ٿيندو جڏهن ولايت جي رتبي جي سجاڻ ٿيندي ۽ معارف الٰهي کي حاصل ڪري ان مان فائدو حاصل ڪريون جيڪو الله سان ويجهڙائيءَ جو نتيجو آهي يقين ڪريو ته عبوديت جي مرتبي ۽ معارف کي حاصل ڪرڻ کان پوءِ اهلبيت جي حياتي ڏيندڙ مکتب ۽ خاص طور تي امام زمان جي خدمت ڪريو اها الله پاڪ سان ويجهڙائي جي پلي وات آهي الله جو قرب

حاصل ڪرڻ لاءِ ان وات کي پنهنجو مقصد قرارڏيو ۽ ان تائين پهچڻ جي جاکوڙ ڪريو.

تا رشته زندگی به کف می‌باشد
اقبال تو در برج شرف می‌باشد
عمر تو بود صدف دراین بحر وجود
درِّ صدف عمر، هدف می‌باشد

.....

فهرست

فکر جي اهميت.....2
فکر جي اُڏام.....4
فکر جي اهميت جا کجھ راز.....5
گناھ بابت سوچڻ جواثر.....7
فکر کرڻ ايمان ۽ يقين ۾ واڌ جو کارڻ آھي.....9
تفکر بصيرت ۽ دڳھي سوچ جو وسيلو آھي.....11
فکر جو روزو.....15
صحيح ۽ سالم فکر جا طريقا.....17
بحث جو نتيجو.....22
هدف ۽ مقصد.....24
مقصد ۽ هدف تائين پھچڻ جا طريقا.....29
هڪ نڪتي جو تذکر.....31
بحث جو نتيجو.....37
فهرست.....39